# مُنهنجيِ نانيِ

مُنهنجيِ نانيِ، گهَر جيِ راڻيِ
روزُ ٻُڌائي نَئِين ڪَهاڻيِ
صُبوحَ سَويرو اُٿنديِ آهي
نانءُ ڏٿيءَ جو وَٺنديِ آهي
آهي سڀاجهيِ هيءَ نِماڻيِ
سڀَ سان مِٺڙو ٻولي ٿيِ
رازَ اَندَرَ جا کولي ٿيِ
آهي سَڀنِ ۾ هيءَ سياڻيِ
هَرِڪو هِنَ کي چاهي ٿو
سُکُ اَندَرَ جو پائي ٿو
ماڪيءَ جهَڙي هِنَ جيِ واڻيِ
مُنهنجيِ نانيِ، گهر جيِ راڻيِ
روزُ ٻُڌائي نَئِين ڪَهاڻيِ
مُنهنجيِ نانيِ

Poet: Sunder Jagwani ‘Mujram’

Singer: Ritu Ahuja

Music Director: Jagdish Lalwani